بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

خدا جي پياري حبيب صلي الله عليہ وآليہ وسلم جو قول آهي تہ” قومن جي بقا قومن جي عملن ۽ ڪارنامن تي هوندي آهي.“ نہ تہ ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪوشش نہ ڪرڻ سبب ڪيتريون ئي قومون تباھ ۽ برباد ٿي ويون.

ساٿيو: اسان جو تعلق جنهن قوم سان آهي اها غلاميءَ جي اذيت ناڪ زنجيرن ۾ جڪڙيل قوم هوندي هئي. منديون لڳائي جانورن جيان هن قوم جي فردن کي وڪرو ڪيو ويندو هو.اسان جي بزرگن غلامي دوران نہ ڄاڻ ڪيتريون سختيون برداشت ڪيون. ڏاڍا ڏک ۽ عذاب سٺا...! انهي باوجود بہ هنن سچائي، ايمانداري ۽ وفاداري کي نہ ڇڏيو. اڄ اسان آزاد تہ آهيون پر ذهني طور تي پاڻ کي مڪمل آزاد نہ ڪري سگهيا آهيون.ا



(23) هر ميمبر خزانچي کان تنظيم جي فند جي استعمال بابت پڇڻ جو حق رکي ٿو.

(24) علائقي ۾ ميڊيڪل ڪيمپ يا ڪنهن بہ پروگرام لاءِ هر ميمبر کي پنهنجي حيثيت مطابق چندو ڏيڻو پوندو.

(25) هر عهديدار هفتي ۾ هڪ ڏينهن يونٽ تي حاضري ڏيندو ۽ هر ميمبر مهيني ۾ هڪ جنرل گڏجاڻي ۾ ضرور شرڪت ڪندو جنهن جو ڪيس اطلاع ڏنو ويندو.

(26) هيءَ تنظيم شيدين جي فلاح و بهبود لاءِ ڪم ڪري ٿي. ان لاءِ هن جو ڪنهن بہ سياسي پارٽي سان ڪو بہ تعلق نہ آهي.

(27) هر ميمبر آزاد آهي تہ ڪهڙي بہ سياسي تنظيم ۾ سياست ڪري سگهي ٿو.



انهي لاءِ اڄو تہ نفرتون ختم ڪري پنهنجي قوم جي ترقي ۽ تعمير لاءِ نوجوانن جي همت افضائي ڪري انهن کي پنهنجن نيڪ ارادن سان ڪاميابي ۽ ڪامراني طرف گامزن ڪريون تہ جيئن پنهنجي قوم جي ايندڙ وقت ۾ بهتر طريقي سان رهنمائي ڪري سگهون۽ پنهنجي قوم ۽ ان جي مستقبل جي معمارن لاءِ ڪا سٺي راھ مهيا ڪري سگهون. انهي لاءِ سڀني کي تعاون جي اپيل ڪجي ٿي.

الائي وري رات ايندي نہ ايندي ،
اسانجي ملاقات ٿيندي نہ ٿيندي ،
پلي ڏي نہ ورندي تمنا نہ ويندي ،
پئي دل اسان جي اوهان کي سڏيندي.



(12) سامان ڪٽڻ وقت رجسٽر ۾ ان جي انٽري ڪرائي ان جي پرچي وٺندو جيڪا سامان واپس ڪرڻ وقت ڏيکاريندو.

سامان صاف ڪري جمع ڪرائڻو پوندو

(13) شادي يا خوشي وغيره لاءِ سامان ڪٽڻ جو اطلاع مقرر ڪيل ڪاميٽي کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن پهرين ڏنو ويندو.

(14) هر ميمبر سامان ڪٽڻ کان پهرين پنهنجو ميمبرشپ ڪارڊ ضرور ڏيکاريندو.

(15) هر ميمبر پنهنجو ميمبرشپ فارم ڀرائيندو جنهن بعد ڪيس سندس ميمبرشپ ڪارڊ ڏنو ويندو جنهن جي في 30 روپيہ مقرر ڪيل آهي. ڪارڊ کي ناجائز استعمال ڪرڻ جي ڪنهن بہ ميمبر کي اجازت نہ آهي.

(16) هر ميمبر پنهنجي ماءُ،پيءُ ۽ هڪ کان ارڙهن سالن جي ڀاءُ ،ڀيڻ ۽ جيڪڏهن شادي شده آهي تہ زال

اڄ بہ اسان احساس ڪمتري جو شڪار آهيون۽ پاڻ ڪي اڄ بہ غلام محسوس ڪريون ٿا انهي احساس ڪمتري مان اسان پاڻ ڪي اوستائين نٿا ڪڍي سگهون جيستائين اسان پاڻ ۾ اجتماعي طور تي گڏجڻ جي ڪوشش نہ ڪنداسين. شيدي قوم جيڪا صدين کان سور سهندي اچي اڄ جي جديد دؤر ۾ بہ انهن سورن مان جان آجي ڪرڻ بجاءِ انهيءَ ڪي پنهنجي تقدير سمجهي خاموش تماشائي بڻيل آهي، پر اڄ شيدي قوم جو نوجوان پنهنجي قوم جي ترقي ۽ تعمير لاءِ هٿ پير هڻندي پنهنجي قوم جي فلاح و بهبود لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهيءَ پنهنجي قوم ڪي خوشحال ڏسڻ جا خواب اندر ۾ سانڍي انهيءَ جي تعبير جي ڳولاهہ ۾ ميدانِ عمل ۾ لٿل آهي. اڄ هن قوم جي نوجوانن ڪي شيدي قوم جي ڀلائي ۽ سڌاري لاءِ هر طبقي جي شيدي مردن توڙي عورتن جي ساٿ جي سخت ضرورت آهي.



**(متحد شيدي ويلفيئر جو منشور قائدا ۽ قانون)**

(1) شيدي قوم ڪي متحد ڪري هڪ پليٽ فارم تي آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

(2) شيدي برادري ڪي پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ لاءِ انهن ۾ همٿ ۽ حوصلو پيدا ڪرڻ.

(3) شيدي برادري ڪي پنهنجي علائقي ۾ فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ.

(4) علائقي جي رهواسين ۽ شِيدي برادري جي ۾اٽهن سان سٺا تعلقا ت قائم ڪرڻ.

(5) ميمبرن جي غمي ۽ خوشي جي وقت اخلاقي ۽ مالي مدد ڪرڻ.

(6) شيدي قوم جي ٻارن ڪي تعليم لاءِ مائٽن جي مدد سان اسڪولن ۾ داخلا ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.



(7) شيدي ٻارن لاءِ ٽيوشن سينٽر کولي ٻارن ڪي هنر ۽ تعليم طرف متوجہ ڪرڻ.

**(8) ميمبرن کان چندو جمع ڪري ان مان ضرورت استعمال جون شيون مثلاً گلم،پليٽون،جڳ گلاس وغيره خريد ڪيا ويندا.**

(9) تنظيم طرفان گڏ ڪيل سامان تي صرف انهن ميمبرن جو حق هوندو جيڪي ماهوار في ڀريندا هوندا، ميمبر نہ هئڻ جي صورت ۾ اهو سامان ٻئي ڪنهن جي لاءِ نہ ڏنو ويندو.

(10) تنظيم جو سامان ميمبر پنهنجي ذميداري تي ڪٽي ويندو ۽ ڪم ختم ٿيڻ بعد ڪيس سامان مقرر جڳہ تي پهچائڻو پوندو.

(11) هر ميمبر تنظيم جو سامان ڳڻي ڪٽي ويندو ۽ ڳڻي واپس ڪندو ڪا بہ شيءِ گهٽ هئڻ جي صورت ۾ ان جي پوري قيمت ادا ڪندو.



۽ هڪ ڪان ارڙهن سالن جي اولاد لاءِ تنظيم جو سامان استعمال ڪرڻ جو اهل هوندو.

(17) هر ميمبر ڪنهن بہ عهديدار ڪان تنظيمي حوالي سان ڪو بہ سوال ڪري سگهي ٿو.

(18) تنظيم جو ڪو بہ فيصلو ڪو بہ هڪ فرد نہ ڪندو، پر اهو اڪثريت راءِ سان ڪيو ويندو.

(19) ڪو بہ ميمبر يا عهديدار ڪنهن سان بہ ناجائز ڇڙواڳي نہ ڪندو.

(20) ڪنهن بہ فيصلي جي منظوري صدر صاحب ڪان ورتي ويندي ۽ صدر ڪنهن بہ مسئلي جي صورت ۾ 24ڪلاڪن جي اندر هنگامي مِيٽنگ سڏائي سگهي ٿو.

(21) هر ميمبر يا عهديدار صدر جي اجازت سان ڪنهن خاص مسئلي تي مِيٽنگ سڏائي سگهي ٿو.

(22) هر شيدي برادري سان تعلق رکندڙ گهر تي ماهوار هڪ سو روپيہ فيس مقرر ڪئي ويئي آهي جيڪا جماعت جي خزانچي وٽ جمع ڪرائي رسيد حاصل ڪندا.

(28) تنظيم جي باڊي هر سال تبديل ڪري اڪثريت راءِ سان نئين باڊي ٺاهي ويندي. باڊي ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ مستقل ميمبر ئي اهل هوندو.

(29) ڪو بہ اهڙو ماڻهو جيڪو تنظيم جو ميمبر نہ آهي انهيءَ ڪي تنظيم جي ڪنهن بہ ڪم ۾ دخل اندازي ڪرڻ جو ڪو بہ حق نہ آهي.

(30) هر انهي شيدي برادري جي تنظيم جيڪا شيدين جي فلاح و بهبود لاءِ ڪم ڪري ٿي انهيءَ سان هن تنظيم جو ڀرپور سهڪار هوندو.

(31) تنظيم جو سامان ڪرائي تي ڏيڻ يا نہ ڏيڻ جو فيصلو اڪثريت راءِ سان ڪيو ويندو، جيڪو سڀني کي قبول ڪرڻو پوندو.



تہ پوءِ اچو تہ گڏجي فيصلو ڪريون تہ ڇا هن ڪتاب ۾ شامل ڳالهيون اسان سڀني جي فائدي لاءِ آهن يا نہ؟ جيڪڏهن اسان جي فائدي ۾ آهن تہ پوءِ اچو تہ شيدي قوم جي ڀلائي، فلاح و بهبود لاءِ هڪ ٻئي سان نفرتون ختم ڪري سچائي ۽ ايمانداري سان پنهنجي قوم کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪريون تہ جيئن آئينده ڪو بہ شيدي پاڻ کي اڪيلو تصور نہ ڪري. ۽ گڏجي دعا ڪريون تہ اسان نہ نيڪ مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪريون.
( آمين ثم آمين )

ذات وڏي شيءِ ناهي پر سچ وڏي شيءِ آهي،
جنهن سچ کي مڃايو سو مچ وڏي شيءِ آهي.

(متحد) شيدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن ڪراچي.




جيئي هوشو                جيئي مسافر

شيدي اتحاد زنده آباد

متحد شيدي سوشل ويلفيئر




**متحد شيدي سوشل ويلفيئر**

# منشور ۽ قائدا

Mutahid Sheedi Social Welfare

## متحد شيدي سوشل ويلفيئر رمضان لاسي ڳوٺ جا عهد يدار

سرپرست : حاجي محمد خان قمبراڻي 03021342641

صدر : عبدالواحد قمبراڻي 03218910871

سينئر نائب صدر: عنايت الله قمبراڻي 03082745658

نائب صدر: عبدالقيوم قمبراڻي 03228712771

جنرل سيڪريٽري: خالد قمبراڻي 03312599532

جوائنٽ سيڪريٽري: احمد خان قمبراڻي

ماليات سيڪريٽري: قربان علي قمبراڻي 03213715319

اطلاع سيڪريٽري: اسلم عرف اپن قمبراڻي

پريس سيڪريٽري: هدايت الله قمبراڻي 03456173602

آفيس سيڪريٽري: عظيم خان قمبراڻي 03435327187

اسپورٽ سيڪريٽري: ياسين عرف ڪالو قمبراڻي

مٽيريل انچارج: گل شير قمبراڻي

ڪمپوزنگ ۽ ڊزائينگ:

آصف علي قمبراڻي

03023432188

ڊائيريڪٽر :

حاجي محمد خان قمبراڻي

ٽيم ليڊر:

عنايت الله قمبراڻي

**پاران: متحد شيدي سوشل ويلفيئر رمضان لاسي ڳوٺ چمن ڪالوني ڪوڪرا پار ضلعو ملير ڪراچي.**